# ڪلهي پاتم ڪينرو

- شيخ اياز

Gul Hayat Institute

# کُلهي پاتم کِینرو

Gul Hayat Institute

# ڪُلهي پاتم ڪِينرو

(سنڌي ڪلام جو مجموعو)

Gul Hayat Institute

— شيخ اياز

مصنف جا سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

ڇاپو پهريون]　　　　ڊسمبر ١٩٦٣ع　　　　[تعداد ١٠٠٠

قيمت: [redacted]

[illegible]

ملڻ جا هنڌ:

١- ”ادارهٔ آواز ادب“،
الهداد چنڊ جو ڳوٺ،
حيدرآباد سنڌ.

٢- ”ادارهٔ ادب نو“،
ويسٽ ڪچهري، حيدرآباد سنڌ.

Gul Hayat Institute

---

Printed by Aijaz Mohammed Siddiqui, Manager, Sind University Press, Hyderabad and Published by Ghulam Rabbani A. Agro, 3- Civil Lines, Hyderabad (Sind), W. Pakistan.

جي سماج کان فرار ممکن آهي، ته اهو انهيءَ زمين کان فرار آهي، جنهن سان آرٽ جي پرورش ٿئي ٿي. گوگيءَ ۽ ماياڪوسڪيءَ * جو فرار آپ-گهات جا ٻه مختلف طريقا آهن. ٽيون طريقو اهو آهي، جو سون چونڊيو آهي: پنهنجي ويساهه جي چنڊ ڇاڻ ڪري، بنيادي ڳالهيون ڳولي لهان، هر عارضي ۽ مصلحت آميز ڳالهه کي ٽڏي ڇڏيان ۽ پنهنجيءَ جاءِ تي اٽل ٿي بيهان، ۽ ان لاءِ سون کي جيڪي به سهڻو پوي، اهو سهان.

هر عظيم فنڪار پنهنجي دور کان اڳ ۾ پيدا ٿيندو آهي.

تاريخ گواهه آهي ته ڪڏهن به جبر و ستم ۽ رسم و رواج جي ماني پاڻيءَ زندگي پيدا نه ڪئي آهي. هر دور ۾ اهڙي انسان جي ضرورت آهي، جو ان ۾ پٿر اڇلائي، ولوڙا پيدا ڪري. زندگيءَ جو مدار هميشه انهيءَ تحرڪ تي آهي، جو هڪ انوکو

---

* پال گوگي – مغربي مصور، جنهن کي مغربي سرمايدارانه تهذيب سان بي انتها نفرت، پونوچ سمنڊ تي هڪ فرينچ ڪالونيءَ ٽهٽيءَ ۾ وڃي وٺي، جتي هن تهذيب کان پري باقي زندگي گذاري ۽ زنده جا ويد نقش تخليق ڪيا.

ماياڪوسڪي– روس جي انقلاب جو عظيم شاعر جنهن انقلاب کان پوءِ، سياسي ۽ سماجي فضا ناسازگاريءَ سبب خودڪشي ڪئي.

Gul Hayat Institute

اڙٻنگ انسان پيدا ڪري ٿو. انهيءَ زندگيءَ جي واسطي هرقوم ڪي ڪي جوکا کڻڻا آهن ۽ ان کي ڪفر ۽ بغاوت ڪي ڪجهه جاءِ ڏيڻي آهي. جي ان کي زنده رهڻو آهي، ته ان کي اهو جوکو ضرور کڻڻو آهي.

— هر برٽ ريڊ
("شاعري ۽ انارڪزم")

اڄ وچ ختم ٿي ...
مان اڪيلو بيٺو آهيان ...
هي جيون ڪهڙو نه ڪٺن ۽ منهنجو پٿرائون رستو ڪيترو نه لمبو آهي!

(روسي شاعر، پاسترنڪ)

مان اِنهيءَ ساراهه جو مستحق نه آهيان:
سچ پڇ، منهنجا دوست، منهنجو جيءُ جلڻ لڳي ٿو،
جڏهن تون منهنجيءَ سچائيءَ جي ساراهه ڪرين ٿو.
مان انسان وانگر رهان ٿو نه چيتي وانگر.
منهنجيءَ ستم زده دل ۾ خوف جو آستان آهي.
اعتبار ڪر ته مان خوف زده آهيان! مان خوف زده آهيان!
ها، پر —
مون کي موت کان به وڌيڪ خود فريبيءَ ۽ ذلت جي زندگيءَ کان خوف ٿئي ٿو.

(هنگريءَ جو شاعر، زولٽن زيلڪ)

Gul Hayat Institute

تون ٺڪر جي ٿانوَ ۾ پاڻي پي رهيو آهين ، سان توکي بلور جي صاف ڪوزي ۾ سيءِ آڇيان ٿو. تون سنهنجيءَ سيءِ کان ڇرڪين ٿو، ڇو ته تون اِنهيءَ پيتل تلاءَ جي پاڻيءَ تي هري ويو آهين. توکي اِهو ٻاڙو پاڻي گهر ويٺي سلي ٿو، تنهنڪري تون اِها تڪليف ٻه نه ٿو وٺين ته تون آهو شفاف جهرڻو ڳولي لهين، جنهن جي پر تان تنهنجا وڏا ڪجهه صديون اڳ لڏي آيا هئا. سون انهيءَ ساڳي جهرڻي جي پاڻيءَ تي انگور جون وليون پوکي ، انهن جي ميوي جي رس سان هيءَ سيءِ جوڙي آهي. تون انهيءَ سان ڇُڪي ڇڪي ڏس. شايد اِها توکي سر ڪري ڇڏي.

— ش. ا.

Gul Hayat Institute

سيد حسام الدين راشديءَ جي نالي

جنهن جي روح مان

مون کي آروڙ جي مِٽيءَ جي پِنِي خوشبوءِ

ايندي آهي.

Gul Hayat Institute

# فهرست


| | | صفحہ |
|---|---|---|
| ● بيت | ... | ١ |
| ● وايون | ... | ١٧ |
| ● دوها | ... | ٣٥ |
| ● گيت | ... | ٤١ |
| ● غزل | ... | ٥١ |
| ● نظم | ... | ٧٣ |


Gul Hayat Institute

”سڄي تنهنجو سَڌُ، ڪُلهي پاتُم ڪينرَو“

ـــــ شاهہ

Gul Hayat Institute

# بیت

Gul Hayat Institute

ڪنهن جي لاءِ ڪُماچ، صديون رهيو سالت ۾ ؟
سارو ڏيهہ ڏياچ، مگٽو ڳوليو ماڻهوءَ!

آڌيءَ رات اُداسُ، اَن تي آرتيون آ ڳريون،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ ماسُ، ڪوري آيو ڪينرو .

ساڳي ساڃهہ آ ڳريون، ساڳي ساڃهہ سازُ،
مان، سنهنجو آواز، ڪنهن جون ٿو ڪارون ڪري!

ڪتا تنهنجيءَ تند سان، پَهہ پَهہ ڪري پاڻَ،
چَر آ تنهنجيءَ چاڻ جي، سازن منجهہ، سُڄاڻَ،
آئي ٿو اَهڃاڻَ، کهڙا کهڙا ڪينرو!

چاڻٺ چاڻٺ چَنگُ، چوريم چوڏينهنءَ رات جو،
لوٽيون ڪيئي لوڪ جون، ڪتيون اوڙهي ننگُ،
چي، "هي ٽيندو ڪير آهہ ، اَڻ ڪوٽيو آڙينگُ،
ڏاهَپَ ڏاهَپَ ڏلگُ، پهتو جنهن جي ڏات مان!"

ڳائيندي، وچ دَ ڳَ، جهُمريون هيون جندڙيءَ،
هڪڙي هٿ ۾ ڪينرو، ٻيءَ ۾ تنهنجي چڱ،
ماڻهوءَ جا مارڳ، ڪنهن ڪنهن ۾ ڪيئن ٿو لُڇين!

Gul Hayat Institute

تو جا سمجهي سيٽَ، سا آهي ڪاتيءَ ڪوٽَ،
ڳائي ڳائي ڳوٽَ، ڪُهندو ويو ڪينَرو.

تو جا سمجهي سيٽّ، سا آهي وائيءَ وَڍّ،
گهارا وجهي گهاوَ سان، ٻاري، ڏادي، ڏَڍّ،
هيٺا هانوَ! نه ڪَي، آن مان پنهنجو آسرو.

تو جا سمجهي سٽ، سا آگ آڏي انمول،
جنهن جي سوچ سماج کي، ڪري رکّ رَتول،
ٻارڻ ٻاري ٻولُ، جَرڪائي ٿو جندڙيون.

تو جا سمجهي سٽ، سا ڀَڙڪي ۽ ڀُونچال،
ڍاهي هٺ جي ڍير ۾، سارو خام خيال،
پَٽَ مٿان پامال، ڪري ڪينگرا ڪوڙ جا.

تو جا سمجهي سٽ، سا اڄ تائين اتهاسُ،
جنهن ۾ ڪر موڙي آتيو، ڪوي ڪاليداس،
آيو جنهن جي اوٽَ سان، وِديا پتيءَ واس،
ڀنائيءَ جي ڀيٽ تي، جنهن جو نينهن-نواس،
جنهن ۾ منهنجو ماس، ڪوري آيو ڪينَرو.

تو جا سمجهي سٽ، سا سپنن جو سنسار،
آئي بوءِ بسنت جي، هنئين وجهي هار،
جوڙي سو جنسار، جنهن ۾ سوٽ مري وڃي.

---

Gul Hayat Institute

آءٌ ڀڃائي آءٌ، تنهنجي ڪيهي منهنجون اکيون،
ڏِس مون تنهنجو ڪيترو، ڀوريو ناهي ڀاءٌ!
ساڳيو جوڳ جڙاءٌ، ساڳيا سڌڙا ساز جا.

توکي ساري سنڌڙي، ساري پٽ ڏٺي،
مُور نہ ڏينڌي مارئي، ڀي ڪا ماءٌ ڄڻي،
تنهنجي ڀيرَ ڀٽي، ذات سموري ڏيهہ جي.

آهيان آءٌ آساتَ، تنهنجي مٽڌ جي، او ميان!
تون سا ڪُوءِ ڪلال جي، جنهن مان منهنجي وات،
توکان ٻاهر ٻاتِ، تو تائين آ سوجهرو.

آندي مون سا اوتَ، جيڪا تنهنجي جامَ ۾،
ماري ناهي موتَ، جنهن جي چترَ جنهن جي ڇپي.

اڳ ۾ هيُس شاهہ، شل مون کي سمجهي سگهين!
سنڌڙي، تنهنجو ساهہ، جرڪيو منهنجي جيءَ ۾.

ڇٹہ تون مون کان پوءِ، ڪنهن جو ٿيندين، ڪينرا؟
واڪا ڪندي ووءِ، صديون تولئہ سنڌڙي!

Gul Hayat Institute

چنگ کٽي چوکٽ، رڳي ڪير رتول جيي،
سنڌڙي، او سورٺ! ٻيجل سڀ ٻُجهيي ويا .

سگهہ ڏي اهڙي سچ، سنهنجي جڪڙيل جيءَ کي،
ڳچي ٽٽي ڳچ، تہ بہ چوان جو چوٹو هجي .

چڪيءَ ساڻ چڪي، ڪٽيون تنهنجي ڪوٽ جون،
چڙهي پوري چوٽ تي، ڏنم پيچ پڇي ،
مون کي ڏات ڏني، اهڙي سگهہ سرير ۾ .

مون وٽ پيو ڪجهہ ڪين، آهي اڄ اِن ڪان سوا،
هان، هيءَ سنهنجي بين، چرکي تي جنهن سان جيي .

روئي پيئي رت، سڏڪا پري سنڌڙي،
وِهي تي لڳو وات ۾، پيٺر مون کي پتُ،
هي پورو پربت، آخر ڪيئن پيئون ٽٽي!

Gul Hayat Institute

ڪنڌيءَ مٿان ڪنڌ، نائي رُنو نا ڪٿو،
سائين! تو سوڳنڌ، ڪشتيون سڀ ڪاڏي ويون؟

ڪنهن جي ڪشتيءَ ڪاڻ، واجهائين ٿو، ويسرا!
ڪوبہ نہ ايندو هاڻ، سانجهي سڀ مري ويا .

ڪڏهن ڪيرلدي ڪاڪ، ڪڏهن ملندو سينڌرو؟
پڇان وڏي واڪ، سڏ بہ ڏئي ڪو سنڌ ۾!

آيل! هاريان آنءَ، هَنجون ڪنهن جي هنج ۾؟
دکي سارو ديس آهه، هر ڪنهن هيٺون هانءَ،
جنهن ڪي ڏي نه ڏانءَ، سا ڪيئن ڪاٽي ڏينهڙا!

✓ ساٿهوءَ منجهه ميرون، اگي ڪاڻ اگرو ٿيو،
ڇاتي ڇاتي ڇيپ آهه، ٿيو پيار پيٺون،
چارڻ، اڃا تون، چورين پيو چنگ ڪي!

ساٿهوءَ ساٿهوءَ ميرُ ڇٽي، پيو ڇت ِ مان،
پٽڪي پيو پيت ِ مان، واڇوڙي جو ويرُ،
ڪٽيا ۾ تون ڪير، جرڪائين ٿو جوت ڪي!

ڪوڙي ڪچ تي سنڌڙي، هينيون نه هرڪاءِ،
مٺڙي موهي ماڙيڪي! هاٿي به پڇتاءِ،
ليلان تي ليلاءِ، ته سگهو پائين پيار ڪي.

Gul Hayat Institute

ووڙيندي وتُ، ووءِ، هاٿي پير پنهونءَ جا،
وهاٽيءَ ويا، ويسري! پتو ڪونه پيوءِ،
شال ليپئي لوءِ، آريءَ ڪي اوڏي ٿئين!

اوري اچ ته آگهان، ڳوڙها تنهنجي ڳل تان،
ڪيڏا ويل وهي ويا، تنهنجن پچڙن سان،
ڏرتي، ماءَ! مٿان، پيئي پاراتو ڏئين!

ڏانئري ڪَپيئم ڏارَ مان، يا تو ڪَپي پانهن،
ڏرتيءَ ڏرتيءَ دانهن، جنهن جي پيڙا مان پڳي.

هاءِ، پَواڻيءَ پونءِ ۾، روڪيي ڪو رَت ڇاڻ،
ساڻهو ساڻهوءَ ساڻ، ڪيڏا ڪيس ڪري چڪو!

موٽيي ملندؤ شالَ، منهنجا سَرتا سانگيو!
ميڙو ڪَندؤ ساڳ تي، اوريندؤ احوالَ،
جيءَ سوين جنجالَ، سِڪ آهاڻي ساهه ۾.

وڃو نه ويراڳيو، هيت به ڏيندو سوجهرو،
منهنجو جيءُ جنڊو آلا، تنهن سان سات ڏيو،
اڄهو ڏينهن ٽيو، ڪيسين رهندي راتڙي!

ڪاڏي هَليوءُ ڪاپڙي، هٿڙي ڪاڪ ڇڏي!
وهائيءَ جو ٽا وڃو، کهڙيءَ لوءِ لڏي،
آڌيءَ رات آڏي، اوڏا منهنجي پڪڙا!

Gul Hayat Institute

ڪڏهن ايندين ڪانگ، ڪٽي ڪانگون قرب جون،
سيڻيا ڪڏهن سانگ، مارونڙن جي ميڙ جا!

آءُ ڪنياتا آءُ، ڏي ڪا سُڌ سائيهه جي،
ڪوئي واءُ سَاءُ، سانگين جي سَرچاوَ جو.

آڌيءَ رات آروڙ، ٽڏو ساهه پري ڇيو:
مورڪَ هاٿي موڙ، پَٽتي واڳ وجود جي.

شال وسين او سنڌڙي، تنهنجا کيت وسن!
واهوندي جي واءِ ۾، سارو شال ميلن!
جن جي ڪوٽ ڪڙن، جهوريو منهنجي جيءَ کي.

شال وسن هي کيت جت کلٽيون کيڪارين،
پانڌيڙن کي پياس ۾، پاڻي پيئارين،
جيءَ کي جيئارين، جت آربيليون اوت سان!

وچ ورٽيون، سن موهٽيون، کنوٽيون جن جا کيت،
مون تي پانيون بيت، آهن پوريون آيتون.

جهوڙال جهائين، جهومڪيون، کلٽا ماڻهو، کيت،
ساري ٻر ۾ بيت، چارڻ چونديندو رهيو.

تون ٿو چونڊين ڪڪٽ، مان آڏران آڪاس ۾،
تون چا چاڙين آهه جا، لونءِ لونءِ منهنجي لڪ،
پوياڙيءَ جا پڪ، آ کيري-اوتائتا!

مسجد مندر رکٽ، رکوالا اِن رک جا،
کيئي مُلان مولوي، پنڊت مارن جکٽ،
اوري آءٌ آلکٽ، ڏيٺو ٿيي توکي ڏسان!

تنهنجا پير چمهان، ڌرتيي، منهنجي ماڻڙي!
پاڪُر پايان پاو سان، ماڻهوءَ ماڻهوءَ سان،
آءٌ نه ٻيو ڄاڻان، مذهب منهنجو ماڻهپو.

Gul Hayat Institute

مذهب منهنجو ماڻهپو، دين ڌرم سڀ ڏوڙ،
پر ڪي ڳالهه پروڙ، او ڪاڏيارا ڪوڙ جا!

پرينءَ ڪي پهچاءِ، ڪانگا! منهنجون ماڪيون،
جنهن جي سونهن سواءِ، ڏسان تہ ڏوهي ٿيان.

مالها! نہ مُرجهاءِ، آيو ڪي آيو پرين،
هينيون منهنجو هاءِ، ڪنهن کي پائي ڪيتڪي!

سپنن ماڻ سجاءِ، جهروڪا تون جيءَ جا،
سونيون ڪڙيون ڪوٽ جون، پيرن منجهہ نہ پاءِ،
گهوري! نہ گهبراءِ، ويجها آهن واهرو.

ڪانئر ڳولي ڪالهہ، سُپاڻو سرويچ جو،
ماضيءَ ۾ مرڻينگ ٿي، ڊونديندو آهہ ڍال،
وَڏُ، وَڏُ، جيئين شال، مُڙي ڏس نہ ماڳ ڪي.

پُوجهہ وڏايا پوجهہ، سرتيون سنهنجي ساهہ جا،
ڪڏهن راتيون روجهہ، ڪڏهن هاٿي هانوَ تي.

ڏنہ ساري جي آهہ جي، ڏرتي ڏياٽي،
پوءِ بہ پنهنجي جندڙي، ڪنهن ڪنهن جو ماٽي؟
ڪنهن ڪنهن جو سنسار ۾، مُک چو آ ساٽي؟
آخر ڇا ڇاٽي، جوڙيئہ جوڙ جهان جي!

Gul Hayat Institute

وڏو نانءُ اللّٰه جو، پر جي ڪجي ڪَمتّ،
اَن ڪان وڏي وَتّ، ڀاڄهارا هيءَ ڀاڄهري!

ڍوڍ ي جهڙ ي ڍال، سرتيون ڪانئي ساهه جي!
جوڙيا خامُ خيال، ماڻهوءَ سورڪ ڪيترا!

بُڇڙ يءَ بُڪ بَلا، ديوانا دانا ڪيا،
اڄ داتا جي دان جي، ڪنهن ڪي ڪانڻ نہ ڪا،
گوليءَ سان گهـُربا، ڪـٽا پنهنجي ڪيچ جا.

اوپـَرُ سارو آڳـَ، چـَر وِچڙ ي، نڪتيون جيئون،
ڌرتي! تنهنجيءَ دانهن سان، جرڪيي منهنجي جاڳـَ،
آڄ رت-وَرنا راڳـَ، آرپيان ڏو توکي، آمڙ!

Gul Hayat Institute

هيءَ رت-وَرني رات، سُڏڪا ڪيئي سانت ۾،
ساري رَين صليب تي، ٻيئي نه برسات،
ڏس، ڏس، مون کي ڏات، ڪوڪا! هنيا ڪارڙيي!

اڇا سچُ سماجُ، سمجهي ڏاڍيءَ دير سان،
اڇا توتي تاجُ، ڪانئر رکي ڪنڌ جو.

ڪاڏيءَ هيٺان هٿّ، پرون ڪُٺيون پونءِ تي،
گهوڙا ويا گهائجي، رڻ ۾ روڪي رَتّ،
هيٺان سارا سَٿ، مٿان ڪَڙڪَڙ ڪانَ جي.

سرڏيون سِريءَ ڪاڻ، لٿيون لاسارا ڏئي،
ڪونڌر! هيءَ ڪنارآهه، چو نه هٿين ڏو هاڻ؟
رڻ ۾ رتوڇاڻ، ڇا ڪان ڏئين ڇيگرا!

سچ لٿو ڏي، لاش جا، نِوڙيل هيا نيڻ،
ڪيئن وراڻي ويڻ، کهڙو منهن مٿي ڪري!

برسيا مٿان ٻر، دونهين سان دانهون آڏيون،
ڏاري ويا ڏيهه کي، ڇيري ويا ڇمَر،
اڙي او آدم، هيا، هي ڇا ڏو ڪرين!

ناگاساڪيي ناهه، آهي تنهنجي آرسي،
سانيي جا تو ساهه ۾، ڀنيٽ ڏي سا ٻاهه،
سياڻو ڏيءُ، ساڃاهه، آڇا ويلَ وڃي نه آهه!

Gul Hayat Institute

اڙي سانگي سُک جا، پٽو ڪونہ پيوءِ،
ڏونگر سارو ڏک جو، جيءَ منجهان جوڙيوءِ،
پرجهيئہ تنهن ڪان پوءِ، ڇاڪان پير پٽون ٿيا.

جهيرمر منجهہ جهانُ، ڪينءَ پسائي ڪوڪلي،
ڪڏهن ڪاٺيارو نہ هو، اڄ جهڙو انسان،
نہ ڄاڻان نادان، ڪڏهن سمهندو سک سان.

در در گهري دانُ، پالهو آندو پاند سون،
ڪجهہ بہ نہ چاهيو سون ڏسي، سڀڪجهہ جو شمشانُ،
هاڻي هان حيرانُ، کهڙي سنهن تو کان مڱان!

آندي سون اڌ رات، ڪنئو ٿاهي ڪيتڪي،
هاري پنهنجو هينڱڙو، سڄي پنهنجي سات،
نيوڙي منهنجي ذات، متان پير پري ڪرين!

سڙهيون پونيون سن، ٿاڪُر ڪاڏيون ٿوڪرون،
ڪينياتا ڪيڏاوڻا، پسي ٿيا پرسن،
دور ٿيا درسن، ڪاڪِ پٽلايا ڪاپڙي.

آن جي گودِ سواءِ، آٿت ناهہ آتامرا!
لوليون ڏئي تولاءِ، آيل آد جڳاد جي.

Gul Hayat Institute

چانڊوڻي آهي چانورَ، ڪائي ڪُوءِ ڪَلال جهڙي،
گهانڊي سانڍيءَ مٿ ۾، ڀرسان ٽڙيا ٽانورَ،
ڪوري-ڪاٽا هانورَ، آءٌ ته ٽانڊيڪو ٿئين.

او ڪنهن جي سُرهاڻ، ڪاسَهڙي آندي ڪانڊيو!
ترسو، ترسو هاڻ، آءٌ نه هلندي هوت ريءَ.

اوهيرڙي ڪَئي اوڪَ، تنهنجو جيءُ جهُري پيو،
لَڪ نه پيئي لوڪَ، تاڙا! تنهنجيءَ تانگهه جي.

آيرڙي آلڙي آءٌ، ٻڌجي واڳهُه وجود تي،
سارڙي سُرت سماءُ، جهونجهاڙي وَچ جيءَ مان.

پٽر ۾ پيهي، گهَڙيُم تنهنجيءَ گهُور کي،
پرين پرڏيهي، ويجهو آنهه وجود کان!

مان رڳو تون رنگُ، مايا ساريون مورتون،
تنهنجو منهنجو سنگُ، آهي آد جڳاد کان.

مان ٻونديءَ جهڙي ڊارَ، سِڙهه سان ڇنڊ ڇڙي پيو،
تيڪَ سان وَهندي تارَ، ڪِٿِ آهي منهنجي ڪنڌي!

پورنما، پرڏيهه، نَوَڪا ٽڙي نير تي،
ساريو مون ساٿيهه، ٻيڻيءَ ۾ ٻڻ جهڻ ڪري.

Gul Hayat Institute

آڌيءَ رات اَلهيرَ، ڏني چنڊ چڪور ڏي،
پـَرجهـي پـَرجهي پيرَ، ڪيسين ڪٽنديون، ڪارٽي!

مارگُـ ڏورِ، مهلَ، وِ ڇاسي تي وانڍا!
ڪيڻ چو نہ ڪهلَ، پالڌي پنهنجي پاڻ تي؟

سانجهيءَ وکو ستَنکُـ، پنڌ نہ پـَنو ياتري!
پيرو ڌاهي، پـَنکُـ آڌري ويندو اوچتو.

تون ڪانڌي، تون ڪـَنڌُ، تون ئـي سانگُـ صليب جو،
تون ئي منهنجو پنڌُ، تون ئي تو مون ڏي اچين!

ڪنهن هيءَ آئـي آڪسَ مان، هيـئڙين منجهہ هنـئـين!
جنهن جي پوڀان موهجي، وائيءَ وِ ڪ ڪنڻين،
نڪي واٽ سنـئـين، نڪي ساٿي سچ جا.

تون ئي منهنجي لوچَ آن، تون ئي منهنجي سوچ،
پانهيءَ لاءِ پروچَ، ڪارونُ ڪرين ڪيچَ مان.

---

Gul Hayat Institute

ڪي ڪي اکيون اوپريون، توڙي چاڙ سڄاڻَ،
ڪي ڪي اکيون آرسيون، جن ۾ نينهنَ نياڻَ،
ڇڪجي پنهنجو پاڻ، جَڙجي وڃن جيءَ ۾.

ڪامڻهه وانگر ڪيرُ، آيو آهي اوچتو،
پَٽ تي جنهن جو پير، جهڙي باڪَ بسنت جي.

پرينءَ جي پهراڻ ۾، ڪٿوريءَ خوشبوءِ،
جڏهن اچڻي، جُوءِ، واسي، وڃي، واس سان.

ڪنهن جي ريجهه رهاڻ، ڪنهن جي ڳالهه ڳراٽڙي،
گيت پري آهه گودڙي، جڻ ته ڪويتا ڪاڻ،
سوچي ڳول سڄاڻ، وانجهي ناهيان وٽ ڪان.

اچا اوري آءُ، سُري منهنجي ساهه ۾،
رَچي منهنجي راڳ ۾، سرتي تنهنجو ساءُ،
سڀئي پچاڙاءُ، گيتن ۾ گڏجي رهون.

Gul Hayat Institute

## وایــون

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

ٻونءِ نہ آئي ڀانءِ، آلا مان آڏري ويندو سانءِ،
آلا مان آڏري ويندو سانءِ!

مون سان جاڙَ نہ ڪر، اي جيڏا! سچ ٿو آءٌ چوانءِ:
آلا مان آڏري ويندو سانءِ!

ليڪ تہ ٻانڌيندين تون، هاڻي ٻلي نہ مون کي ٻانءِ:
آلا مان آڏري ويندو سانءِ!

رهندي جيوڻ جي جهرٽي ۾، هن جندڙيءَ جي جهانءِ:
آلا مان آڏري ويندو سانءِ!

ڳائي منهنجا گيت، پيو پوءِ مون کي ياد ڪجانءِ:
آلا مان آڏري ويندو سانءِ!

---

Gul Hayat Institute

تو ۾ مون ۾ ڀيدُ نہ ڪوئي، آڙي نديءَ جا نيرَ،
آڙي نديءَ جا نيرَ!

مان پڻ آهيان ڪائي جڳ جي سندرتا جي سيرَ،
آڙي نديءَ جا نيرَ!

منهنجي من ۾ چندرما جي آڏيءَ رات اَڪيرَ،
آڙي نديءَ جا نيرَ!

منهنجي تن ۾ تات ائين، جيئن گهلي ڏکڻ جي هيرَ،
آڙي نديءَ جا نيرَ!

توکي مون کي راس نہ آيا، هن ڌرتيءَ جا ڏيرَ،
آڙي نديءَ جا نيرَ!

---

Gul Hayat Institute

كاري رات، ڪَتيءَ جو پاڇو، ڪيڏي نيڻ نياڻُ،
ڪيڏي نيڻ نياڻُ!

جَرَ ۾ جهرمر، گَهرو، ڪارو، پاڻيءَ جو پهراڻُ-
ڪيڏي نيڻ نياڻُ!

منهنجي من کي موهي ويو، هي مَنڊَ ڀنا مانداڻُ-
ڪيڏي نيڻ نياڻُ!

ڪوئي ناهه سڃاڻپ، سڪي ڙ ِي، ڪوئي ناهه سڃاڻُ-
ڪيڏ نيڻ نياڻُ!

Gul Hayat Institute

پُنّتي موڙ مُهار، آلو ميان، پُنّتي موڙ مهارَ!
ڇو تون اورانگهي آيو آن، سانگيئڙن جي سارَ؟
آلو ميان، پُنّتي موڙ مهارَ!

ڪهڙيءَ سوچ سڻيا هيئن لاهي، ڇِت تان چندن هارَ؟
آلو ميان، پُنّتي موڙ مهارَ!

سُرهي سيج ڇڏي تون لڪئين، ويڙهي ڪي ويچارَ:
آلو ميان، پُنّتي موڙ مهارَ!

ڪهڙيءَ اُتڻ ڪي آربي تو، تن جي تات تنوارَ؟
آلو ميان، پُنّتي موڙ مهارَ!

ڪهڙي سارڳ موهيو آهي، تنهنجي نيڻ نهارَ؟
آلو ميان، پُنّتي موڙ مهارَ!

اڳتي لڪ لڳ ڪانداري، وڪ وڪ ويريءَ وارَ:
آلو ميان، پُنّتي موڙ مهارَ!

ڇو نه ڇپر ۾ تو تون گهارين، ڪنهن ڏولئي جي ڏارَ؟
آلو ميان، پُنّتي موڙ مهارَ!

سرچڙي جي سنسار نه تو، تون جيءُ نه وجهه جنجارَ:
آلو ميان، پُنّتي موڙ مهارَ!

Gul Hayat Institute

ڪيچ وچين ڪنهن ڪاڻ، پُنهل تون موٽـي آءُ!

مٽيي رات نہ رهندي، رآنول! جيون َمايا ماڻ:
پُنهل تون موٽـي آءُ!

ٻيهر هي ٻنيور نہ ملندءِ، آءُ ٻـُليءَ جي ٻاڻ:
پُنهل تون موٽـي آءُ!

هيءَ ڇاتيي جا آتيي آهي، تير انهيءَ تي تاڻ:
پُنهل تون موٽـي آءُ!

هي جڳ هـُو جڳ مون سان جـَرڪي، مان تنهنجي ڇانداڻ:
پُنهل تون موٽـي آءُ!

Gul Hayat Institute

روز وڪائي، هاءِ نيمائي، وينگس وچ بزار
آلو ميان، وينگس وچ بزار!

ڪپڙا رنگبرنگي جنهن جا، چپڙا چاشني دار
آلو ميان، وينگس وچ بزار!

سُنهن سُنهن آ موسل جي ماڙي، آرهڻ آرهه اسرار
آلو ميان، وينگس وچ بزار!

هرڪنهن ڪاٺي ڪي راٺي جو روپ ڏنو ڪلدار
آلو ميان، وينگس وچ بزار!

ڪنهن جيءَ واچ ڪٺوري ورچي، هانوَ ڏني هڪار
آلو ميان، وينگس وچ بزار!

پوپٽُ پوپٽُ آڏري ڪنهن جي، گانجو پي، گفتار
آلو ميان، وينگس وچ بزار!

ڪنهن جي ڪيسي مان ڪيڪاريو، ڪلجگ جي ڪرتار
آلو ميان، وينگس وچ بزار!

وهيءَ وهيءَ جي وڪري پرکي، وِرهه ڪيا واپار
آلو ميان، وينگس وچ بزار!

ممتا ماريءَ ماءُ ٽسيئي هئي، جائيءَ لاءِ چمار
آلو ميان، وينگس وچ بزار!

ڪنهن چاتو ٿي، وقت ڪندو هيئن لوليءَ تي للڪار!
آلو ميان، وينگس وچ بزار!

Gul Hayat Institute

جوڙيو آ جنسارُ بہ چا چا سپ جي پالڻهار!
آلِو ميان، وينگس وچ بزارا!

'چيتُ کري جي چڪجي، ڪانهي ڪابہ ڪَڙائي يارا!'
آلو ميان، وينگس وچ بزارا!

چارڻَ چوري چِنَنگ، انهيءَ تي پول ڪيا پلهارا!
آلو ميان، وينگس وچ بزارا!

Gul Hayat Institute

ٺانگو آهيان، ٺانگو يار! 

ڀيتو آهيان ڪاڪ ـ ڪنڌيءَ تي، چوري پنهنجو چانگو، يار، 
ٺانگو آهيان، ٺانگو يار! 

نڪتو آهيان هن نگريءَ ۾ لاهي سِر جو سانگو، يار، 
ٺانگو آهيان، ٺانگو يار! 

مَن جو ميتُ سَهانگو مون لئه، سارو ديس سهانگو، يار، 
ٺانگو آهيان، ٺانگو يار! 

هَلندين پار پرينءَ ڏي مون سان؟ آهي پنڌ اڙانگو، يار، 
ٺانگو آهيان، ٺانگو يار! 

---

Gul Hayat Institute

هيرَ مٺي، او هيرَ مٺي! — ڪير چوي تو هير مٺي!
رانجهوءَ ونجهليءَ ڏانهن نهاريو:
ڪير چوي تو هير مٺي!

ونجهليءَ پنهنجو هانءُ نه هاريو:
ڪير چوي تو هير مٺي!

ڏات ڏکوئيءَ ڏولگر ڏاريو:
ڪير چوي تو هير مٺي!

ڌرتيءَ ۽ آڪاش پڪاريو:
ڪير چوي تو هير مٺي!

پيار نه مرندو، ڪيئن به ماريو:
ڪير چوي تو هير مٺي!

ويري وهه جا ٿانوَ پياريو:
ڪير چوي تو هير مٺي!

هير مٺي، او هير مٺي! — ڪير چوي تو هير مٺي!

Gul Hayat Institute

کافر مومن ناهيان، وو، کافر مومن ناهيان!

آءٌ پڻائي، آءٌ دَرازي، ساڳيو نينهن نڀايان، وو،
کافر مومن ناهيان!

ساڳيو معنيٰ جو مڌ پيئان، سامي نانءُ سڏايان، وو،
کافر مومن ناهيان!

ساڳيا سڏ وراڻيان، يارو، سوريءَ سيج سجايان، وو،
کافر مومن ناهيان!

رک ۾ چڻنگ چيتائي ڳوليان، باهه لئين ڀڙڪايان، وو،
کافر مومن ناهيان!

آءٌ جواني، آءٌ جوالا، جُڳ جُڳ کي جرڪايان، وو،
کافر مومن ناهيان!

جهوريان جهونا ڪوڙ، آلو ميان، ڪوٽ سوين ڪيرايان، وو،
کافر مومن ناهيان!

سَرتا! تو لئه سپنا آڻيان، ڪيئي عرش آڏايان، وو،
کافر مومن ناهيان!

تو لئه پيارُ پنان مان، ڌرتي! سڀن هٿي سيڏايان، وو،
کافر مومن ناهيان!

مون لئه ديش وديش نه ڪوئي، سڀ کي ساهه سمايان، وو،
کافر مومن ناهيان!

Gul Hayat Institute

نگريءَ نگريءَ جو سڪ سونجهان، پنهنجو پاڻ پڇايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

سڀ جو هانءُ هندوري لوڏيان، پنهنجي ننڊ ڦٽايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

جيون! تنهنجو جوڳي آهيان، ڳالهيون تنهنجون ڳايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

تنهنجيءَ پَلَ پَلَ جي پيڙا کي، وائيءَ ۾ وَرنايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

ڌرتي منهنجو ديس، مگر مان سنڌڙي جندڙيءَ لايان، وو،
ڪافر مومن ناهيان!

Gul Hayat Institute

ٻادل ڙي، ٻادل ڙي! منهنجا نيڻ ٿا ٻس ڪن!

ڳجي ڳجي گهنگهور گهٽائون آڪر ۾ اڀرن،
منهنجا نيڻ نہ ٿا ٻس ڪن!

سانوڻ من-ڀانوڻ ۾ سرتيون ڪلنهي ڪيچ وڃن،
منهنجا نيڻ نہ ٿا ٻس ڪن!

رُت آئي، رُت ويئي، جهولي ۾ ٿا ڏينهن جهلن،
منهنجا نيڻ نہ ٿا ٻس ڪن!

مون ڳهلي ء جنهن ڳولي ٿي، ڪجهہ ٻنهن منجهہ پون،
منهنجا نيڻ نہ ٿا ٻس ڪن!

ڀيج ڀني ء ڀنيور مٿان اڄ بوندون ٿيون برسن،
منهنجا نيڻ نہ ٿا ٻس ڪن!

ڪهڙي ٻار ٻنهون ء ڪي چايو آڏيء رات آئن!
منهنجا نيڻ نہ ٿا ٻس ڪن!

هاء ولهي ء ڪي ڪيڻن وساريو سيج ۾ سانگيڙن!
منهنجا نيڻ نہ ٿا ٻس ڪن!

Gul Hayat Institute

ٻادل ڙي، ٻادل ڙي!
ٻادل ڙي ...

كوئي آهي، كوئي آهي! جيكو سچ چوي؟

ڏينهن ـ ڏني جو هن ڏائڻ تان جيكو گهولگهٽ لاهي،
كوئي آهي!

سالڪ سياست جا سمجهي، جو تاهه نڳيءَ جا ڏاهي،
كوئي آهي!

اونداهيءَ سان جيكو الجهي، چانڊوكيءَ كي چاهي،
كوئي آهي!

سنڌڙي، مون كي سڏ نه ڏي، تون چپ چو آهين، چاهي!
كوئي آهي!

كوئي آهي، كوئي آهي! جيكو سچ چوي؟

Gul Hayat Institute

سانگيئڙن جي سار نہ ڇڏ،
رات تہ راهي گذري ويندي.

ڇا جي دوري! دل ٺي دل ۾، پڪڙا تنجي اوڏا آڏ،
رات تہ راهيِ گذري ويندي.

من ٺي من ۾ ماروئڙن کي ڪنهن مارڳ تي آڻي گڏ،
رات تہ راهيِ گذري ويندي.

ايندي، ايندي، ايندي ساجهہ، ايندي تنهنجي سترلي سڏ،
رات تہ راهيِ گذري ويندي.

نيٺ تہ ڪرندا ڪوٽ انهن جا، ڪيئي وارا پورندا ڪڏ،
رات تہ راهيِ گذري ويندي.

Gul Hayat Institute

# نئون جمالو

نئين موج تي مهراڻ ۾،
هو جمالو!
نئين موج تي مهراڻ ۾،
هو جمالو!
جنهن ۾ ليٽ پُڏا پيٽ تي،
هو جمالو...
جنهن جي ڦاٽ ڀڳا کهاٽ تي،
هو جمالو...
جنهن ۾ ٻيڙيون سائين سيڙ هيون تي،
هو جمالو...
جن جا ٻڪيھ جڪيھ جڪيھ تي،
هو جمالو...
جن جا مانجهي تي منجهدار ۾،
هو جمالو...
آهي تري وينديون تار ۾،
هو جمالو...
نئين موج تي مهراڻ ۾،
هو جمالو!
نئين موج تي مهراڻ ۾،
هو جمالو!

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

# دوھا

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

پيرَ ڪَڙين ۾، ڇَنڪَ ڇَپَن تي، مَنڊُ ۾ آلو ويسُ،
چاهين ڇا ٿو، چارڻ؟ توکي ڇَريو ڇوي ٿو ديسُ.

هاءِ آڇايون، آسَروند يون، وک وک تي وهلور،
منهنجون اکڙيون، هيٺيون هرٺيون، ڏسن آفق ۾ ڏورَ.

آڏرو منهنجا گيت-پکيڙؤ، وڃو وهائوءَ وات،
دور ڏُٺڙ ڪان هن ڌرتيءَ جهي، ڇُهو ڪَتيءَ جي ڇات.

او مَنڊماتا وِرڌاتا! تو لکيو هُيو هي ليکُ!
منهنجي سپني جي آمرت کي آهي وهه جو ڏيک.

هن ڇاتيءَ جي ڇِهَه ڇِهَه ۾ آکو اٽڪ آمرت،
گهايو، مون کي گهايو، پيٺو منهنجو رتُ.

گياليِ! تنهنجيءَ گيان-ڇڪيءَ مان لهندي منهنجي آچ؟
منهنجو من آهه مالسرور، تانگها تنهنجا پُيچ!

گهَڙي گهَڙي گلدان، انهيءَ ۾ رنگبرنگي پاپَ،
پَونر پَوار ٿيِي آڏريا جن مان آچ منهنجا آلاپ.

Gul Hayat Institute

آهه پُراڻو پاپي هي مَن، چندرما جو چورُ،
هيءُ لُٽي جيون جي جڳ مڳ، جڳ کي ننڊ آگهور.

هيءَ چانڊوڪي، هي پيتل مَن ۽ هي سيتل آڪاسُ،
امرت-رس ٿي ويو آهي ڇڻ تنهنجو منهنجو ماسُ.

تنهنجو سُندر روپ، انهيءَ تي چوڏهينءَ چنڊ چِٽاءُ،
منهنجي مَن ۾ ڪيپُ، نديءَ جو هيج-هندورو، واءُ.

آهه ڳچيءَ ۾ منهنجي، گوري، تنهنجي گوري ٻانهن،
ننڊ پئي آ چانڊوڪيءَ ۾، منهنجي مَن جي دانهن.

جيئنداسين ته اِئين ئي رهندو سندرتا جو سنگُ،
پنهنجي سنهن تان سور نه لهندو، سَدَ جو ريٽو رنگُ.

جيئنداسين ته ائين ئي رهندو هي مَن مست مڳن،
سَدَ جي جوت سدائين جلندي، ٻرندو پيو جيون.

ساڳي پورنماسي آهي، ساڳيو آهه آڪاسُ،
هاڻي ڇو نه ٿئي ٿو پيدا ڪوئي ڪاليداس!

دُکيارِيءَ کي دان نه ڏيندين؟ سڻندو رهندين سٿن!
ڪيسين مون کان ڇپندو رهندين، منهنجي چِت-چاچڻ!

ٻاڏيءَ ۾ پاريهر وهنجي، ڪينڊري پنهنجي ڪينءَ،
ان کي ڏسندي منهنجي مَن جي سونجهه لهي وئي ڪيئن!

Gul Hayat Institute

وڻ وڻ ڪي سون ڀاڪي ڀائي چيو ته ”منهنجا ڀاءُ!
ڦهتو سنهنجي سن ۾ تنهنجي ڀَن ڀَن جو ڀڙلاءُ.“

ٻَرڪا رُت جيي باڪ-ڦَٽيءَ ۾ هيءَ اَڪريءَ جي اوٽَ،
ڪير سَٽي ڏي آن ۾ سن جي گَهري گَهري چوٽَ؟

اي ڏورانهان! ڏسڪي تو ڏيڪيسين پنهنجا نيڻ ڪٽان!
ويجهو سون ڪي ڪونه وڻي ۽ سان ويجهي ڪيڪونه وڻان.

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

# گیت

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

توں جي ايندين رات، الا او رات،
تہ منھنجي رات آمر ٿي ويندي!

توں جي ايندين ميت، تہ ھي سنگيت آمر ٿي ويندي،
مون ٻاري جا جوت، انھيءَ جي جيت آمر ٿي ويندي:
ٻر جي ڪاڏھ مات، الا او مات،
تہ منھنجي مات آمر ٿي ويندي!

توں جي ايندين ٻول، تہ ٻَھہ ٻَھہ ٻرندا منھنجا ٻول،
جھَر جھَر جَرڪي ٻوندا جن ۾ منھنجا روح-رتول:
وائـي آئـي وات، الا او وات،
تہ منھنجي لات آمر ٿي ويندي!

تن من تنھنجي ڀيٽ، نڇاور توتي منھنجا راڳ،
مان، آھيان تنھنجي آھوتي، توں آن منھنجي آڳ:
Gul Hayat Institute
توکي ڏسندي ڏات، الا او ڏات،
تہ منھنجي ڏات آمر ٿي ويندي!

توں جي ايندين رات، الا او رات،
تہ منھنجي رات آمر ٿي ويندي.

---

ڏَر ۾ کھڙا ڏاک،
ڏَکَڻ جا
ڏَر ۾ کھڙا ڏاک!

وارِي سارِي واٽ،
نه ڪائي ڇانوَ نه ڪائي ڇاٽ،
مٿان آ ڏاک:
ڏکن جا
ڏَر ۾ کھڙا ڏاک!

ٻِني نه تِن لئه ٻونءِ،
تتيءَ تي پيرَ پچيا ٻُونءِ،
ڇِڪن ڏا چاڪ:
ڏکن جا
ڏَر ۾ کھڙا ڏاک!

لٿي نه تِن جي آڃ،
وراڻي ڪيرَ، سموري سُڃ!
وڃن ڏا واڪ:
ڏکن جا
ڏَر ۾ کھڙا ڏاک!

مليو نه تِن کي ماڳ،
انهن جو ٻُڌلي ٻڌو ٻاڳ،
ڪُلهي ڏي خاڪ:
ڏکن جا
ڏَر ۾ کھڙا ڏاک!

---

Gul Hayat Institute

هَيِّا هَيِّا هَيِّا، او...
دور وڃي ٿي نَيِّا،
هَيِّا هَيِّا هَيِّا!

کهڙي گهاٽ لڳي، هيءَ نوُڪا، ڪٿي ڪٽي جيون،
ڇڪي پيو اڄ من کي سپني جهڙو سندر- بَن:
هَيِّا هَيِّا هَيِّا، او...
دور وڃي ٿي نَيِّا...

چانڊوڪيءَ ۾ چڙهندي پڌما، تِڪ سان وهندي تار،
لُڙهندي لُڙهندي پنهنجي نَوُڪا، پهچي ويندي پار:
هَيِّا هَيِّا هَيِّا، او...
دور وڃي ٿي نَيِّا...

ٻِن سانجهيءَ سنجهندار ستّان هيءَ نَوُڪا ويندي دور،
ڪنهن ڏورانهين ڏيهه اسان کي ڇِڪي پرينءَ جو پور:
هَيِّا هَيِّا هَيِّا، او...
دور وڃي ٿي نَيِّا...

ساڳي ٻَن ۾ مِرگهه به موهي، ساڳي ۾ سَوَ واگهه،
سُک جي سيج به ساڳو جيون، ساڳو ڏک جي ڏاگهه:
هَيِّا هَيِّا هَيِّا، او...
دور وڃي ٿي نَيِّا...

پنهنجو جيون آهي، پيارا، جل-ڌارا تي جوت،
مٺڙي مٺڙي ننڊ اسان لئه ٻڄي ايندو موت:
هَيِّا هَيِّا هَيِّا، او...
دور وڃي ٿي نَيِّا...
هيِّا هَيِّا هَيِّا!
هَيِّا هَيِّا هَيِّا!

(بنگالي گيت)

---

Gul Hayat Institute

چنڊ جڏهن جهرڪي ۾ وهنجي، ڪنول ڪنول شرمائي!
سانت، ڪنواري ڪنيا، منهنجي هردي کي هرڪائي،
منهنجي من ۾ ڪوئي مراري بن بن بين وڄائي:
نيل-گگن جون ڪيئي گوپيون،
جن سان راس رچائي.

سنڌ جڏهن منهنجو من موهي، جڳ-سندرتا گهائي،
دور نڪٽ ۾ نڪري ڪوئي لير مٿان لهرائي،
مان پڪڙيان، هو پرڙا کولي، اڏري پاڻ بچائي:
ڪوئي ڀيد نه پائي هن جو،
ڪوئي ڀيد نه پائي!

---

Gul Hayat Institute

جر جي چر ڪنهن چاتي ڪانہ،
لڙڪ آگهياسي لڪي لڪي.

چانڊاڻ تي چانڊوڪي آهي،
هاءِ پر من جي چنن ۾ چاهي:
ڪنهن ٻہ تہ پاتي جهاتي ڪانہ!
ڪل آئي تہ ٻہ ڦڪي ڦڪي.

ساڳيو انبر، ساڳي ڌرتي،
ساڳي آهہ سڳنڌ انهيءَ جي:
آهي جا سڌ - ساتي ڪانہ،
جنهن کي ساريان سڪي سڪي.

پريت بہ سايا، روپ بہ مايا،
سار انهيءَ جي لهندي ڇايا:
جنهن ۾ آهہ حياتي ڪانہ،
جنهن جي جوتي جهڪي جهڪي.

Gul Hayat Institute

من -نگريءَ جي ڳليءِ ڳليءِ،
تنهنجي گهر سان وچيءِ سلي.

رهتي جوڳيءَ بين ڪنئي،
در دِر پنڪي سئن هنئي،
مليو نہ هن ڪي دان دِليَ.

تو در موٽي وريءَ وري،
اڄ هن جيون-جهول پري:
ڳوڙها ڳاڙي، ڪليءِ ڪِليءِ!

من - نگريءَ جي ڳلي ڳلي،
تنهنجي گهر سان وچيءِ سلي.

Gul Hayat Institute

سُٺ هيءَ پيڙ پرائي، ووءِ
ارتيي اوتَ اکين ۾ جنهن کي، جيءَ ۾ ڪيئي جل.

ڪانهن ڪُماڻا، پينگ ٽيا سپ پنهنجا پاڻا، ووءِ
وستي ساري ويڙهَ، اسان جنهن ۾ ويگهاڻا، ووءِ
ڇاتيي پنهنجي ڇاتي، ووءِ
جنهن ۾ ڏکڙا رهجي ويندا، ڇٽندا رهندا پل.

هو رانجهوءَ سان رمتيون راتيون، هو ساجن جو سنگ،
هيرستي وئي جنهن جي ڪارڻ سک جي سيج پلنگ:
آڌيءَ رات آڏاڻي، ووءِ
پهتي پهتي پار پرينءَ ڏي، ريتي رنگ-محل.

ور سا ڇائي، جنهن جو ڏکڙو سمجهي پيءُ نه ساڻ،
جنهن جي من جي سار نه ڇاتي، پر ۾ بيهي پاڻ:
صورت حيرت هاڻيي، ووءِ
منهن تي ناهه مساڳ، نه تنهن کي اک ۾ ريک ڪجل.

روز پڪاري تو کي پنهنجي من-موهن جو پيار،
جيون! توتي کهڙي سپني ڪيو آ ڪاري وار:
ڏيندا وَڏ وراڻي، ووءِ
گهاوگهاو ۾ گونج انهيءَ جي، جنهن جي چوٽ آجهل.

سٺ هيءَ پيڙ پرائي، ووءِ
ارتي اوت اکين ۾ جنهن کي، جيءَ ۾ ڪيئي جل.

(فريد جي ملتاني ڪافيءَ جو آزاد ترجمو)

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

# غـــزل

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

ٻڌيون ٻهر، جدائي، جاڳ
اڀ ۾ چندرما جي آڳ!

آس-آسونهان، رڻ ۾ رات،
گهايل گهوڙا، ٻيوس واڳ!

جهاڳڙي آئي جيون-ناوَ،
ڪيڏي ڪارونڀار اجهاڳ.

ڦهتا نيٺ ڪلالن-ڪُوءِ،
ڍڪي ڍڪي منهنجا ڀاڳ.

تنهنجي ماندي-باندي آءٌ،
امرت اوت، مٺيءَ جا ماڳ!

ولهه ۾ وينا چيڙ ”اياز“،
پنهنجي ٻڌبا تنهنجا راڳ.

Gul Hayat Institute

موتئي جون مالهائون، مَنڌ،
من-مندر جي چائنٺ، شام!
ساونڻ جي مڌ-ماتي رات،
آيُ ۾ ڪيئي جلندا جام.

چنگ، چڙا، چانڊوڪي، چيٽ،
سهڻي، سيڙ، مرڻ جي مام.
منُ راڌا جي روپ نہ آهہ،
تون تہ اهوئي آهين شيام!

آلري آءٌ، وِرهہ جا واگهہ،
من جي بن تي چانئي شام.
ٻاهر رنگارنگ شفق،
پڃري ۾ پنڇيءَ جي شام.

چوڌاري سچ-ورني ريت،
پنهنجا واريءَ تي وسرام.
ساگيو ساسي ڪاپڙيو،
جنهن جا گيڙو گيت سٿيام:

جنهن جون وايون سينهن ڦڙيون،
جنهن جا سر ساوڻ جي شام!
شو جو سيس، نہ-ڌهندڙ نانگ،
تو ۾ آيا ڪيئن ڪلام!

جنم جنم جي جيت "اياز"،
شاهہ، سچل، سامي ڪجهہ نام.

---

Gul Hayat Institute

ڪهڙي ڪاريهر جو ڏنگ،
ڇورائي آيو آ ڇنگ!

پي پي آيو سچ سروپ،
ڪوئي آڏوتي آڙينگ.

من جو ڪارونڀار ڪيڏيون،
سڙتي تنهنجو منهنجو سنگ.

آج جو ڪائي بوند پئي،
جيون تي ويو سُر سارنگ.

هاءِ ڪٿي هوءَ سيرسٽي،
جنهن جي لاءِ رڙي، تو ڪنگ!

آن جي لوئي لاکرتي،
مرندي منڊ، شفق جو رنگ.

سانجهي، سانجهي، پيٽ، پڳها،
پر تي آگ متان آونگ.

سڙي نه پنهنجي سيڙ سواءِ،
ساموندي جوکنهن سان سنگ!

هاڻي چاڻي ڪير، "اياز"،
ڪهڙيءَ ڪوڪ ڪڪوريو چنگ!

Gul Hayat Institute

ٺانگا، سينھوڳيءَ ۾ سچ،
ڪاريءَ ٺانگڻ جھڙي راتِ!

مسجد، مندر سڀڪجھہ رک،
جرڪيٽي هيءَ ڪنھن جي ذات!

واهيري جي ويرن، هڳاءُ،
آڪيري ڪي اوڏي لاتِ.

برکا رُت جي ڏنڏلي ڀاڪ،
نيڻ ندوريءَ جا، برسات.

قيدي چيتي جهڙو ڏينھن،
زخمي هرڻيءَ جهڙي رات.

سنڌي شاعر، ٻاسي ٻيک،
اُردوءَ جي آڏ۔جوڻي ذات.

مذهب جي مرٽينگ ڪنيا،
ساڳيا ڪوڙ، کھاڙا ڪات.

سنڌڙي، تنهنجو ساهہ «اياز»،
مري نہ ٿيڻو آهي مات.

Gul Hayat Institute

سچ، پنڇي يا پنڇيءَ جو،
وهندي پاڻيءَ تي پاڇو.

آيو آهين ڏينهن لٽي،
سڌ پئي ڏوڙندو ڏاٻڙندو.

ڪاري ڪڪڙيءَ جهڙي رات،
پريت اسان جي آ پڇرو.

وڻ وڻ تي ڪوماڻا ڪانوَ،
ٻن ٻن ۾ پڙلاءُ نه ڪو.

ههڙي سانت، سرءُ جو واءُ،
ڇو نه ڀري آ پيالي تو؟

تن جي تنوَس سوا ڀي سيتَ،
ڪوئي ماٺو ماٺرءَ جو!

ڪير ٽٽيءَ جا تاو سهي،
ڇڻ ۾ آهي ڇانورڙو.

---

Gul Hayat Institute

او مد ماتا سيت ڪوي!
آئين امرت اوتيندو.

پَلُ پَلُ وِهه جي آهه وٽي،
مُڪَ مُڪ ۾ آهه زهر ڀريو.

ڀَنو تو وٽ ڇو نه آلاءُ،
جُوالا جيون جو ڏانو!

چنڊ ته مٿانڌو كونہ چكورَ
آءٌ جهڙي كوئي ٽانڊو!

---

پنهنجي سياست باد - فرنگہ
كوڙهيءَ ٻوڙهيءَ رنڊيءَ جو:
مذهب ويٺو پاڻ سڪي،
چوراهي تي آ چٽكلو:
كهڙي كاكہ آڙي كاٽا!
هي آ مومل جو كوٽو.

---

آڄ كائي گجگوڙ نه آهہ
سارو بن آ سانٽيكو:
شينهن مري وياً، باقي چاً،
هي پنهنجا پنجوڙ كٽو.

---

شايد ويهي چُپ ماري،
اڳتي كوئي آهڙيو!
رهي نه كائي چال چُپي،
ساري بن كي باهہ ڏيو.

---

سنڌڙي! تنهنجي سينڌ ڏسي،
رات ٻڌائي گهوٽ رتو:

Gul Hayat Institute

سنهنجي من جي سڌيءَ ۾،
ڏاڙهونءَ جهڙو ڏنءِ ڦٽو:
هيئڙون گهايل هرڻيءَ جيئن،
ساهون سارو واريءاسو.

---

وڏوا جو مڙهه آهه ادب،
اڄڪلهه سنڌيءَ ٻوليءَ جو:
ويندو نيٺ وساسيءِ هاءِ،
ٽيڪي ٽيڪي کو ڏيئو!
ڪيسين جلندي رهندي جوت،
ويري جنهن جو واڇوڙو!
ڪرندا آخر ڪوٽ ڪڌهن،
ساروئڙو! او ساروئڙو!

ٻولي گولي ناهه، «آياز»،
آن جو وس فقط واڪو.

---

Gul Hayat Institute

او سَنڌ-ماتا، هوريان هَلُ،
منزل آهيِ هرهڪ پَلُ.

منهنجي منهن تي تنهنجا هَٿ،
ٽڙندو آ جئن نيل - ڪَمل.

تياڳَ وَيا، ويراڳ ويا،
هُن هُن چوريِ تنهنجو چَلُ!

جنهن جيونَ ۾ موسل ناهه،
تنهن جو کهڙو ڪاڪ محل!

سانجهيءَ ٿاڻي پيءُ سَرو،
تنهنجو ويريِ ٿئي وياڪَل.

ڪنهن جي ناهي هيءَ سراءِ،
رات گذاريئه ۽ هٿي هَل.

ان تي سَنڌ جو سينهن وساءِ،
ٽڙندو ٽانگڙ جئن ٻَل پَل.

آذري ڪاڻي لات کيان،
ڪيسين روڪيندو آن-جَل.

ٽاڙيِ مارنه، جي آيو،
تنهنجي ماڙيءَ تي طوطَل.

تنهن جيونَ کي آگ لڳاءِ،
جنهن ۾ ناهه ڪرم جو ڦَل.

Gul Hayat Institute

ڪيچ هجي ڪيڏو ٻه پري،
آريءَ پُنهان آءُ آتل.

ٿَر ۾ ٿانئينڪو نه ٿيو،
ڪوئي ڪوئي ڪارايَل.

آخر ڪارونڀار ڪري،
ٻرسي ٿو ٻُٽ تي ٻادل.

هي واريءَ تي وڏ ڦڙو،
هي ساوڻ جو سُرمنڊل.

اي ڪونل! هي ننڍڦڙو،
تو جهڙو ڪو ڪوڪ ڪُنتَل:

ڀڳڻ ٻوليِ تنهنجي لاءِ،
منهنجي ڪوتا آهه ڪجل.

سنڌڙيءَ ڪي سيباءِ "آياز"،
پنهنجو گيڙو ويس غزل.

Gul Hayat Institute

آڌيءَ رات پُلِيءَ جي پاڻ،
ٿي اَڄُ چوڏهينءَ جي چانڊاڻ!

اوهيري جي اوڪَ تہ ڏس!
سياڻو ٿيءُ، صُراحي آڻ.

ڏي جنت ۾ان جام ڀري،
ڀيءَ دنيا جي ڪنهن کي ڪاڻ!

منهنجيءَ چانئٽ تي 'خيّام'،
'روميءَ' سان ڪئي روح رهاڻ:

"اڱڻي سڀ ڪافر جو ڪوڙ،
جيڪي آهہ هتي آ هاڻ."

رات ملي وينجهر جي ڏيءَ،
جنهن جون اکڙيون هيري ڪاڻ:

جنهن جو سندر روپ سريرُ،
ڏاهيو آ ڪنهن پوچا ڪاڻ:

ڪارو ساگر جنهن جو روح،
جنهن جو جسم ڇٽي چانڊاڻ.

اونهي جي بي آنت صدا،
توکي ڪوٺي، ترهو تاڻ.

ٿڙندي ٽانگڙ آهي پيارُ،
جنهن سان ساسيءَ ۾ سرهاڻ.

Gul Hayat Institute

ٻيو سڀ ڀاڃي جو ڀڇو،
جاني، آءٌ جُواني ماڻ!

باغي شاعر، شيخ "اياز"،
آيو ڪيئن ڀٽائيءَ ڀاڻ!

---

Gul Hayat Institute

ڪوئي آنتيءَ جو اِمڪان!
سڄو پرڙاڏو پئي حيران.

ترقي تي تهذيب اچار،
ڪيڏو وحشي آ انسان!

ساڳيا پاپيءَ جا پنجوڙ،
ساڳيو زر جو آ زندان.

ساڳيو ڏاڍي جو ڌهڪاءُ،
هيٺو اڄ جهڙو حيران.

ساڳيءَ سوريءَ تي منصور،
ساڳيو سَرمد تي بهتان.

ساڳي گانڌيءَ لئه گولي،
ساڳيو لال لهوءَ سان ڳيان.

ساڳي چارڻ جي چڪيار،
ساڳيو شاعر جو شَمشان.

اڄ پڻ ذات مُصوِّر جي،
رت ۾ ٻوڙي ڪائي نان.

جاري ساڳي جنگ جَدل،
عاري ساڳيو آسن آسان.

آڄ ٻي ويڙهه نئي سوچي،
ڪنهن جو ويڙهو ٿيو ويران.

Gul Hayat Institute

## ۶۵ غزل

ڪنهن ساتا جي مستا مٿي
ڪنهن نينگر جو نڪتو پراڻُ،

ناگاساڪي ڪافي ناهه،
سڀڪجهه ناس ڪندو نادان!

ميخاني ۾ پيو نہ پتو،
ٻاهر رات هُيو طوفان.

هاريو سڀ جو جام "اياز"،
ساڳيو نہ رهيو هي انسان.

---

Gul Hayat Institute

اڇو آهين جي تون آءٌ،
کيسين سانڍيان مان سوداءٌ!

ڪنهن تي چاتو، اي انسان،
توکي ڪُهندو تنهنجو پاءٌ!

جيون پوبه ڪري ٿو چونڊ،
توڙي ڏئي ٿو موتُ چتاءٌ.

اندر سيخون، ڪوٽ-ڪڙا،
ٻاهر ڪونجون، هيرَ-هُڳاءٌ.

اونهاري جي اوجل ٻاک،
آءٌ، اگڻ ۾ منهنجي آءٌ!

او زندان جي ڪاري وِلهه!
تو ۾ آهيان آءٌ اَلاءٌ.

وڄ وڄ موتي، ويڄ وڄ، ويڄ!
گهايل چاٽي منهنجو گهاءٌ.

مون کي ڪوئي ڪونه پلي،
پيار نه چاڙي تو پڇتاءٌ.

---

او منهنجا محبوب وطن!
تو سان ساڳيو لونءُ لڳاءٌ.

هي منهنجو مظلوم قلم،
سوچيو ناهي جنهن سرچاءٌ.

Gul Hayat Institute

رَت ۾ لَٽ پَٽ پنهنجو سوت،
چاڙهان ٿو پر، منهنجي ماءِ:
منهنجي سَن ۾ آ منصور،
سوري جنهن جو جيءَ جياءِ.

---

سوچي قاتل جو قاتل،
آيو قاتل تي کهڪاءِ.
پر جي ڪوئي نانگ هجي،
تنهن کان ڪهڙو آهه بچاءِ!

---

ٻُرَ جي بدلي ڏِين ٿو سونُ،
پوءِ تو وَٽِ ناهه وِڪاءِ!
او وڻجارا وائيءَ جا،
سَن جو موتي کهڙي ڀاءِ!

---

گهايل سَن جا گهايل گيت،
جن ۾ پيڙا جو پڙلاءَ:
جن ۾ ڏرتيءَ ڏرتيءَ دُک،
جن ۾ ماڻهوءَ ماڻهوءَ گهاءِ.

پنهنجي ٻٽيا نيت ”آياز“،
جُڳ جُڳ جلندا منهنجا ڀاءِ!

---

Gul Hayat Institute

۽ ڌرتيءَ جا ريت - رَتا،
سپنا! سيجَ - وَرنا سپنا!

تون آپَ تي آيمانُ نہ ڪر،
ڌرتي سُرگ نہ آهي ڇا؟

دير و حَرم ۾ هانوُ منجهي،
آچ، آچ پاهر ڪاءَ هوا.

آءُ نپي تون ٺيڙوءَ ڌانهن،
جو تو ٺاهين ڪوٽ - ڪڙا!

ڪنهن جو مندر ڪنهن جو سنک؟
آ سارو سنسار صدا!

ڪنهن جي مسجد ڪنهن جي بانگ؟
ٺاهہ ٺڳيءَ جا، هاهاها!

ڪنهن سُندرتا جي ساکي،
هيءَ ويساکي پورنما!

پهتا منهنجا پياسا چپَ،
توتي جيون جا جهرَڻا.

هي سڌ - ماتا آتا نيڻ،
جهڙا رَس - لوڙيي پونرا.

---

ڪير آڱڻ ۾ آئي آهہ،
پائي تنهنجا ويس وڳا:

ساڳي چوٽي ساڳي چڱڙ،
ساڳي سڪڙي تي مايا؛

ڇا ڇا ٿي ٻهروپ ڪرين،
منهنجي سنڌ - ماتي ڪوتا!

---

ڇوڏاري ساماٺا سورَ،
پورَب پَڇم آ پيڙا.

او ڏرتي، او ڳترَ يوتي!
ڏ جي نيت تہ ڇمندو ڇا.

شايد ڪوئي نڻون انسان،
شايد ڪوئي نڻون خدا!

---

مون کي رات چيو سقراط:
"هڪين ڏو تون ڪيڏن هيا!

جڳ کي آمرت اوتي پاڻ،
وِهہ جي پيءُ وَتي بابا!

ڪنهن جي هار بہ آهي جيت،
ڪنهن جو موت بہ جيوَت آ."

---

سانجهيءَ ڏاٽي ماتيءَ مٽ،
کولي پنهنجو ڪيپ، پرِيا.

Gul Hayat Institute

جهَرُٽي جهِڙِي جهانجهہ وَڳي،
جنهن تي جهوسيا جوڳيئڙا.

سانڍي ۽ سانڍاڻ سِلي،
ڇا ۾ مليا سيپ ٽِيا!

---

ڳوڙهي ڳوڙهي سان ڪجهہ سار،
من جي سور پيو مالها.

جنهن کي ڪوئي لُڙڪ آسُلهہ،
سَرڪُ انهيءَ جو سُرڪَ مٺا!

ڪنهن جي پيڙا جي سرهاڻ،
ٽانگڙ تي هي ماڪ ڦُڙا!

---

ڪاريون راتيون، پارو، پوهہُ،
سيءُ، سَوَڙ جا اوسيڙا.

تاجي پيٺو جيون جو،
جنهن ۾ سَپنا پَٽ ڌاڳا،

ڳولا ڪن ٿا روز، ”آياز“،
ڪنهن جي تنهنجا اوجاڳا!

Gul Hayat Institute

## غزلْ

هي ڳاٽ ڳاٽُ ناهي، آ ڏيلَ تي ڏياڻيءِ،
پَٿر پَٿر ڪري ڀَري مون، هت رات رات ڪاڻيءِ.

جا تونس آ طلب ۾، سا ناهہ تنهنجي رب ۾،
تون ڪيئن سمجهندين مون ڇو آرزو آساڻي!

هي ڪفر کان ڪڙي آ، اسلام کان ٻڙي آ،
تون پيءُ، جيءُ، پَر پَر، اي گهوٽ هيءَ گهاتي.

تون پرجهندين نہ پانڌي، جا لوڏَ آ لَڪَن جي،
سا راهہ راهہ ناهي، جا آ سِڌي سنواڻي.

اي گهورڙيا گهڙيءَ جا، سڪ ڪجهہ ”آياز“ کان تون،
سَٽ سَٽ جڏهن نٿون مڃ، مرندو تڏهن نہ ماڻي.

---

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

## نظم

Gul Hayat Institute

هي صفحو اصل ڪتاب ۾ خالي ڇڏيل هئو. .

Gul Hayat Institute

جيسين سون اي سيت، نه پوري ڪئي آهي سنگيت،
تُنهنجي به سنهنجي وِينا تيسين جڙندي پٽي ڪنهن ريت.

ڪڏهن ڪڏهن سون سوچيو آهي سان آهيان سا لاٽ،
ٻُجهي ٻُجهيءَ جا ٻرندي رهندي، ڪُنهي نه جيسين واٽ.

وري اسان کي سپيرَ سمَهي جي آئيندي اوڏو،
پرين! پکي ٻ وري اسان جو گڏ هوندو گوڏو.

جڏهن به هوندي هيج هوا ٻ، جڏهن به ڦٽندو ڦاڳُ،
تڏهن ڪٿي ڪنهن سن-سُکڙيءَ ٻ هوندو سنهنجو ساڳُ.

تون نه سڃاڻين سپرين، ٻر سان اڳ ٻي آيو هان،
اڳ ٻي تنهنجي جاڳ جلي آ سنهنجي سپني سان.

وري ڪڏهن سڌ ماتيءَ رُت جي ريت نياڻ لاءِ،
سان ايندس، سان ايندس، تنهنجي جڳ ٻ ڳولي جاءِ.

سان ايندس، سان ايندس تو وٽ ڪنهن سپني سان سناڻ،
آڳ اکين ٻ، راڳ چپن تي، آهه سنهنجو آهڃاڻ.

ماڪَ لڳي جو سوٽي سوٽي،
اَن کي چوندي چوندي سون،
آندو سورج جي ساسهون.

ڳوڙها ها جيون جي جوتي،
جن کي پوئي پوئي، سون
ٻاتيون ڪنهن کي سالهائون.

ماڪَ اڏائي، سج چمڪي ٿو!
پَل جا پيرائي، سج چمڪي ٿو!

---

Gul Hayat Institute

ٻڙڪي، ٽڙڪي، ڪڙڪي من تي ڪائي وڄ ڇڻن،
لڙڪي لام، ڇيڳو آ ڪيرو، پڇيءَ حيرت مان،
ڏسي ڪري آڪاش،
چيو، ”اي ڪاش!
وڃان مان اڏري ڌرتيءَ تان.“

Gul Hayat Institute

مان سپنو هان، مان سپنو هان،
تنهنجو سپنو، تنهنجو سپنو،
'تون' جو 'مون' ۾ آهين.

تون جو مون ۾ ويٺو ڳائين،
منهنجي مُک مان گيت چوائين؛
منهنجي پيري ۾ پَرَ ساهي،
اڏري ويندين پيرو ڊاهي،
ٻئي ڪنهن پيري جي ڳولا ۾،
۽ سُر جي سمپورنتا ۾،
مون کي سپني جئن ساريندين،
ٻئي ڪنهن پيري ۾ گهاريندين،
جيسين ڳائي اڏرين ان مان.

مان سپنو هان، مان سپنو هان،
تنهنجو سپنو، تنهنجو سپنو،
'تون' جو 'مون' ۾ آهين.

Gul Hayat Institute

تون جو آئين سيجُ سنئين،
او سُپرين!
رات لڙي تہ بہ ڪونہ وئين،
او سُپرين!

پڇُون هيُون مون سڀ پاڙياريون، ڏنو نئي ڪنهن ڏسُ،
سونيي آيس گهمي گهمي سان گهڙي گهڙي جو ڪسُ.

چنڊيءَ چنڊيءَ جي چاڻ ڏني مون مليا نہ پر آهڃاڻ،
ڪيلي هليون ڪنگهڪار ڪري سڀ، ڏسي پٽليءَ جا پاڻ.

سڀڪنهن چيو ٿي، "توکي ڇا ٿيو، اوءِ آياڻي اوءِ!
ڪنهن سان تنهنجي پريت، نہ جنهن جي ليڇ نہ جنهن جي لوءِ!

اهڙي ڪنهن جي سونهن نہ ڪنهن جو اهڙو آهہ سڀاءُ،
تنهنجي سانگيءَ جو اي سرتي، ڪنهن کي ناهہ سماءُ."

مون چيو وڻ وڻ ٿي، "ويڙهي ۾ وڃي ڏيان مان واس،
اچا ڪنڌيءَ تي ڪانگ لنوي ٿو، اچا بہ آهي آس."

پويان پير ڪري جو آيس، گهمي گهميون ۾ گهاٽ،
ڏٺم تہ لانڊيءَ اوٽ کڙو آن، جهلي ولهيءَ جي واٽ!
تون ئي مون ڏي پنڌ پئين،
او سپرين!

تون جو آئين سيجُ سنئين،
او سپرين!
رات لڙي تہ بہ ڪونہ وئين،
او سپرين!

Gul Hayat Institute

ڇا ڇا چور ڇـَڏي ويو آهي!
اڃا بہ آهي چنڊ اڱڻ ۾!

اڃا بہ آهن منهنجي ويڙهي
جي وَلِ وَلِ تي
ڪيئي ماڪَ ڦڙا.

آڃا بہ منهنجي چِـَتِ جي سامهون
چمڪين ٿو تون
لالـَن روءِ لُـَڏا!!

لـُٽي وَيـو پر پروا ناهي،
آڃا بہ آهي چـَنڊ ُ اڱڻ ۾!

---

مرڪزي خيال
(ڄڀاني هيڪوءَ تان ورتل)

Gul Hayat Institute

’ڇو؟‘
ڪيرُ وراڻيندو؟ ڳيرو
”هُو ئي هُو، هُو ئي هُو.“
’ڇا؟‘
ڪيرُ وَراڻيندو؟ مَٺا
-ڳالهائيندڙ نا سمجهو.

Gul Hayat Institute

لڏي ۾ - پهري لانڍي ڏانو،
پنڌيءَ ۾ پاروٺو ڊوڊو:

آڏريا هيٺ ڪنڌيءَ تان ڪانوَ
جن سران ڳنڍجي ڪو نينگرڙو

ڪاٺي ويٺو -
ڳيٺيءَ ڳيٺيءَ سان ڳاٺي ويٺو.

Gul Hayat Institute

کنب کنڌي، واجهہ وجهي،
ڏور ڏسي، هيٺ سٽي،
ڪو ... ڪا ... ري ڪو ... ڪا ... ري...
سارس ساٿيءَ کي ساري.

”آئي، آئي هُنجي خوشبو،
واءُ ڏکڻ جي، آهہ ڪٿي هو؟
دور وڃان، دور وڃان،
دور اڃا، دور اڃا،
او ... يا ... ري او ... يا ... ري...“
سارس ساٿيءَ کي ساري.

Gul Hayat Institute

(ڪاري)

ڪاري ڪاري راتِ، آنهيءَ ۾ ڪارو ڪنوارو هانءُ،
ڪارو ڪنوارو هانءُ ڪيڙيو آهه، جنهن ۾ نينهن-نڪتُ؛

ڀهراڙيءَ جي ڀاتَ، نه جنهن ۾ ڏَڏُ نه جنهن ۾ ڏانءُ،
ٻي جهَرڻي جي جهانءِ، آنهيءَ ۾ پيارُ ٽيو پرگهٽُ.

جَرڪي ڪائِي جاڳَ، آڻاسي ڳوٺَ اڪيون پوٽيون،
نيڪتي ڪائِي چاتَ چپَرُ مان، آڏرِي واسي واءُ.

جهاڳيندِيون جهرُ جهنڪَ وڃَن ٽيون ڀهڳَن جون پوٽيون،
ورَه چوي، «مان واگهُ، هلي آءُ مون ڏي اورِي آءُ!»

Gul Hayat Institute

ڪالهہ ڪَويتا جي ڪَنڌي تي
سَرسوتيءَ ۽ ڪاليءَ ويٺي
چانڊوڪيءَ ۾ امرت پيتو!

مُدّت کان پوءِ هي ويرياڻيون
ساڳي تَڙَ تي گڏجي آيون
پيدا ٿيو آ ستها ڪَوي ڪوا!

---

Gul Hayat Institute

پُوڄاريءَ جو پُوڄاريءَ سان ويرُ ڏِسي،
پَڇي ڪنهِين پورا مون تنهنجي مُورتي.
مُنهنجي سُنهن تان ڏَرَم ڏَرَم جي ڏوڙِ لَٿِي،
سارو جَڳُ ٿو پاسي تنهنجي آرسي.
ڳولي ڇا ٿِي پوءِ به ڪَو تا جَنم-جَلِي؟
تون به نہ آهين شايد منهنجِي شانتي!

---

Gul Hayat Institute

بـَنگلا*

ديش جـِي
وئشيا
سانورِي
آپسرا
دام؟ ڇي:
نـَي رپيا
نام؟ ڇي:
"ڪام - ڏينو"*

---

Gul Hayat Institute

---

* بنگلا = بنگال .
* ڪام-ڏينو = سُرگ جي هڪ ڳانءِ، جا هر خواهش پوري ڪندي آهي.

چڻ آتر جي واءَ تي
ڪائي خوشبو ٿي اچي،
ڄڻ تہ ڪوئي گلفروش
پنهنجي دامن کي جهٽي،
ٿو پريان سون کي سڏي-
گل ٽڙيا آهن ڪٿي.

ايترو سون کي ڪيو
بوءِ گُل آ بيقرار،
جو ڏسي هر راهگير
ٿو کلي بيگانہ وار،
۽ چوي ٿو، "اي چريا
دور آ فصلِ بهار!"

ناهہ هن ويراني ۾
ڪنهن بہ خوشبو جو سوال،
وقت ڪان آ تار تار
دامنِ حسن و جمال،
تا ابد رهندا اِئين
هي فسرده ماه و سال.

آءٌ زنجيرِ صبا
۾ پيو چڪبو وڃان،
ڪائي خوشبو ٿي اچي
فصلِ گل جي دور تان،
هاءِ، پر هي راهگير-
مان انهن کي ڇا چوان!

Gul Hayat Institute

راجا ڏاهر!

منهنجون نياڻيون
سهڻيون سياڻيون
ڪنهن هٿن آنديون!
مانديون! ٻانديون!

چيلهه ۾ رسا
چڪبا چوٽا
اڳيان گهوڙا
پٺ تان پياريون
راڄ ڪماريون
ننگيون ساريون!

هاڻ ۾ آهي
پوڄ انهن جي
منهن تي نفرت
عظمت جرائت!

آهن منهنجون
چڻ ڪوڙتائون

Gul Hayat Institute

چؤ تون چاتو چاهين؟

چؤ تون منهنجي پٺ تان ايندين، سک جي سيج ڇڏي!
منهنجيءَ ڇُلهه ۾ ڇٽنگ نه آهي، تؤنري ناهه تڏي؛

مون وٽ ڪنهن مڌ-ماتيءَ اک جا ناهن ميگهه ملار،
مون وٽ رڻ جون ڪاريون راتيون جيسين نيڻ-نهار.

چؤ تون چاتو چاهين؟ پٺ تان سوچي سوچي آءُ!
تون ڇا چاهين، ڇا آ سوري، ڇا آ ان جو ساءُ!

تون ڏاهو آن، چؤ تون سهندين ڏاهپ جا سؤ ڏنڀ!
چؤ تون اڏري سگهندين، کوهيان جي مان تنهنجا کنڀ!

چؤ منهنجيءَ چکيا تي چڙهندين، چر آ منهنجي چاڻ،
سڙندو رهندين رک نه ٿيندين، سوچي آءُ سڄاڻ!

گُڻ گُڻ کي مان اوگُڻ سمجهان، گيان کيان اگيان،
ذرم ذرم جي ذوڙ اڏايان، ڦاڙيان پوٿيون پُران؛

وک وک تي مون ڪنڊ ڪٽي ڪٽي، ڏس تون پنهنجا پير!
چو تون منهنجي ڪِڌ لڳو آن؟ پٺ تي موٽ سوير!

ہر جي منهنجي پٺ تان ايندين، جيءُ وجهي جا کوڙ،
چونبي ڪندا رکندس تنهنجي آءُ متي تي موڙ؛

مون وٽ پيو ڪجهه ناهي، توکي ڏيندس اها پڪار،
جنهن سان جگ جا ڌوٽيون ڌنيا ذوڏي رکندين ذار،

جنهن جو رهندو ايندو پيارا، جُگ جُگ ۾ پڙلاءُ!
آءُ، پڪارڻ چاهين تو جي، منهنجي پٺ تان آءُ!

چؤ تون چاتو چاهين؟

Gul Hayat Institute